جھرمر

منوهر بيدي

ويٽا پبليڪيشن

NCERT طرفان 1974-75 لاءِ

انعام حاصل ڪيل

ٻال-ڪوتا-ڪٽ

جهِرمر

منوهر ٻيدي

وينا پبلبڪيشن

8، جئه اپارٽمينٽ، الهاسنگر-421 003

فون : 70103

پيش لفظ

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ سنڌيءَ ۾ ٻال-ساهت جي ازحد کوٽ آهي. اسان وٽ ٻال-ساهت لاءِ ڪو الڳ ليکڪ ورگ ڪونهي، سنڌيءَ ۾ ڪا چڱون واري ٻال-مخزن ڪانهي. البت وقت بہ وقت مڃيل ۽ نون ساهتڪارن ٻال-ساهت ۾ قلم آزمائي ڀي ڪئي آهي. اسان پنهنجي پبليڪيشن پاران اِنهيءَ ڪري ٻال-ساهت ڏانهن ئي وڌيڪ توجہ ڀي ڏني آهي. هن کان اڳ، اسان ٻال-ساهت جا ڪيترا ئي مجموعا شايع ڪيا آهن؛ پر اسان هيل تائين پاڻ کي صرف ٻال-ڪهاڻين ۽ ٻال-اُپنياسن تائين ئي محدود رکيو آهي. هينئر اسين توهان جي اڳيان ٻال-ڪوتائون ٿا پيش ڪريون. هيءَ اسان پاران سنڌي ٻال-ساهت ۾ هڪ وڌيڪ اضافو آهي ڇو تہ هن پستڪ ۾ NCERT پاران انعام حاصل ڪيل ٻال-ڪوتائون آهن. هنن ڪوتائن جو رچيتا شري منوهر بيدي سنڌيءَ جو جهونو ۽ ڀومڪي ساهتڪار آهي. پر مونکي سندس شاعر روپ ئي وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. هن جي شاعريءَ جي مکيہ خوبي اِها آهي جو ان ۾ موسيقي سمايل هوندي آهي.

هن کان اڳ اسان پنهنجي پبليڪيشن پاران ٻال-ڪوتائن جو ڪو ڪتاب شايع ڪونہ ڪيو هو. جڏهن اسان جي متر شري منوهر بيديءَ پنهنجو دستخط "ڌهر مو" اسان کي ڇپائڻ لاءِ چيو تہ اسان سندس آڇ خوشيءَ سان قبول ڪئي. اسان جو مقصد بہ، ٻالڪن اڳيان گوناگون ٻال-ساهت پيش ڪرڻ جو آهي. جيڪڏهن ليکڪ اسان کي اڃا الڳ قسم جو ٻال-ساهت اشاعت لاءِ موڪليندا تہ پسند پوڻ تي اسين اهو خوشيءَ سان شايع ڪندا سين. اها اسان جي ٻال-ساهت لکندڙن کي کُلي دعوت آهي.

جڳديش لڇاڻي

JHIRMIR
(Poems for Children)

Author : Manohar Bedee

Chitrakar : Bal Krishna Chodankar

Publisher : Rajesh Lachhani, Veena Publication,
8, Jai Apartments, Ulhasnagar-421 003
Tel. 70103

Printer . Ishwardas V. Jadwani at Raju Printers,
Station Road, Ulhasnagar-3.

Year : 1986

Price : Rs. 8/- only

Jhirmir – Manohar Bedee

١. پرارٿنا

او جڳ-داتا، او ڀڳوان!
لاءِ سدائين ڏج، سائين مون کي
ٻوجھ اٿئي ڪنهن شيءِ جي ڪان!!
منهنجا نيڻا ڪوڙا پير
وٺن سدائين گيان جي راهه!
نون-نون پستڪن جي لاءِ
جاڳي پل پل من ۾ چاهه!
جنهنجي من ۾ لڳن اُنهيءَ لئه،
دنيا ۾ سڀلو آ ڇا نه؟ او جڳ-داتا!

اُجلو اکنڊ گيان جو ڏيپ
منهنجي من مندر ۾ ٻار،
ڪي اونده مان مون کي ڏيو!
جوت ڏيئي جيون سينگار،
منهنجي من-ويڙا مان نڪري،
هوندم سچ جي سندر ٿان! او جڳ-داتا!

فهرست

١	پرارٿنا	صفحو ٩
٢	گيت	١٠
٣	رامائڻ	١١
٤	هڪ ڪتا	١٣
٥	ٻڍڙي ٻڪرن واري	١٥
٦	ٻالڪ	١٧
٧	ڪوئل	١٨
٨	پستڪ	١٩
٩	سچو مندر	٢١
١٠	سچ	٢٣
١١	تارا	٢٤
١٢	هوٽل وارو	٢٥
١٣	چنڊ	٢٧
١٤	موچي	٢٩
١٥	نصيحت	٣٠
١٦	نيتي-دوها	٣١
١٧	گيت	٣٢
١٨	گيت	٣٣
١٩	گيت	٣٤
٢٠	سپنو	٣٥
٢١	ملهار-گيت	٣٦
٢٢	هولي	٣٧
٢٣	ٻال چيچ	٣٨
٢٤	ٻال قوالي	٣٩
٢٥	گيت	٤٠

٣. رامائڻ

هي چرت رام ۽ سيتا جو من جا سڀ ڀرم مٽائي ٿو
سعديش نوان جڳ کي ڏيئي ڀارت جو شان وڌائي ٿو

ها ڀاڳ اَيوڌيا جا جاڳيا جت رام وٺي اوتار آيو
پينگهن ۾ ئي پڙهو ٿي ويو ڪمزورن جو آڌار آيو
پندرهن سالن جو رام ڪيئن دئيتن جو ٿو سنهار ڪري
گرو وشوامتر جو يڳ پورو نروگهن اِئين هي پار ڪري
پوءِ جنڪ-پوريءَ ۾ ڀاڳ لکن سان ڀيو ڌنرڌر ڀائي ٿو
سيتا جي سويمور لءِ پهچي هر ڪنهن جو ڌيان ڇڪائي ٿو

جو شوَ جو ڌنش راوڻ پارن ٻلوانن کان ٻه نه چوريو ويو
سو ڌنش رام دوارا ڪچڙي ڌاڳي وانگر ٿي ٽوڙيو ويو
پوءِ پرشرام ڪاوڙجي ٿو هر ڪو راجا ٿر ٿر ٿو ڏري
پر پنهنجن مٺن مڌر ٻولن سان رام منيءَ کي ٿو شانت ڪري
هي ملن رام ۽ سيتا جو جن-جن جو هرش وڌائي ٿو
”چرنجيو رهي هيءَ جوڙي“ اِها آسيس رشين کان پائي ٿو

٢. گيت

اسين ديش کي پيارا آهيون ديش اسان کي پيارو آهه
اسين ديش جا ماڻڪ موتي ديش اکين جو تارو آهه
جنهن ڀارت جي مٽي مان آهي شيبيڪ شرير ٺهيو
جنهن جي اڱڻ ۾ راند رمي ارجن ۽ ڪرشڻ وير ٺهيو
جنهن جي گهر گهر گوتم نانڪ گيان جا ديپ جلايا ها
جنهن مٽيءَ جو مان ڪرڻ هر ڌرم جا راڪا آيا ها
سورج منهنجو ديش آ جنهنکان ڪنڊ ڪنڊ اُجيارو آهه
اسين...

اڄو ته پوڻ ڪريون هن ڀوميءَ کي نه بگڙجڻ ڏينداسين
هن جي آزاديءَ لئه پروانن وانگر پڪه ٿينداسين
ڪنهن دشمن کي هن ڌرتيءَ تي پير ڌرڻ به، نه ڏيڻو آ
ديش جي لئه، ئي مرڻو آهي ديش جي لئه، ئي جيڻو آ
هڪ هڪ ٻار شوا، راڻا، گوبند ۽ ڏاهر پارو آهه
اسين...

ويو ورود قوت ۽ ڀياهيءَ جي وه ڪسان ڀچڻو آهي
هن ڌرتيءَ تي ئي ته سرڳ کي ملي جاءِ رڇڻو آهي
هڪ ڌرتي هڪ آسمان هڪ ذات پات هڪ ڌرم هجي
اسين ڪروڙ هجون پل ليڪن هڪ ئي اسانجو ڪرم هجي
”هندي آهيون هندي“ پنهنجو صرف اهو ئي نعارو آهه
اسين...

٢. هڪ ڪٿا

ڪلهه ٻڌايو هوءِ ماتا!
ڪنهن سمي دنيا مٿان هڪ سک-پريءَ جو راڄ هو
خوش هو هرڪو ڪوبه ڪنهنجو ڪين ڪٿ محتاج هو
ڪونه مرندو هو بک وگهي ڪونه ڦرندو هو ننگو
گيهه مکڻ ان ڌن جهجهو هو سٺيو سڀ جو ڪاڄ هو

●

پر ٻڌائج، پوءِ ماتا!
ڏک-نگر جو ديو هڪ ڏينهن سک-پريءَ کي ويو ڪٽي
ڇو ته هن کي ڪين سک، واري ڪڏهن دنيا وٽي
هن ٿي چاهيا روڳ، ڏک، دانهون، رڙيون، غربت ۽ پاپ
هن ٿي چاهيو ٿئي فقط شيطان دنيا جو ڌڻي

●

سک-پري ڏک-ديو وٽ اڄ ڏينهن تائين قيد آ،
۽ اَسين اڄ تائين گڻ ڳايون پيا شيطان جا!
ڪير هن جا بند ٽوڙي، قيد مان هن کي ڪڍي،
ڪير هن لئه، ڏک سهي دنيا ۾ آڻي سک، مٺا؟

پر رام جي لاءِ ايوڌيا ۾ قسمت نئون کيل رچايو هو
راجا دسرٿ جي اڳيان وچن جم-ڪال جو روپ ٿي آيو هو
ڪيڪئيءَ ڪماتا ڪري رام سيتا ۽ لکن بنواس ويا
۽ تن جي شوڪ ۾ دسرٿ جا پرڻ ديهه تياڳي سواس ويا
پوءِ ڀرت چترڪوٽ ۾ پرت ڀاءُ کي پيري پئي مڃائي ٿو
آخر ۾ چاکڙيون وٺي رام جي نانءَ لي راڄ هلائي ٿو

پوءِ پنچوٽيءَ ۾ شورپڻکا لڇمڻ تي هردو هاري ٿي
نڪ ڪن ڪٽجڻ جي لنڪا ۾ راوڻ کي وڃي پڪاري ٿي
ماريچ ٿو سونو مرگ بڻجي پنڌا سيتا ۾ موهه ڪري
۽ تير رام جو کائي پڪاري لڇمڻ کي ٿو دوهه ڪري
سيتا جي زور پرڻ تي لڇمڻ ڏانهن ڏي پير وڌائي ٿو
کل ڀين جي شڪتيءَ سان هن جي چوگرد ليڪ هڪ پائي ٿو

سيتا کان اچي ٿو دان گهري راوڻ سادوءَ جو ڀيس ڌري
ليڪي کان ٻاهر دان وٺڻ جو هٺ پورو ٻاهي ٿو ڪري
ليڪي کان ٻاهر ايندي ئي راوڻ ٿو سيتا کي پڪڙي
۽ پکي جٽايو راوڻ سان وڙهندي ٿو راهه ۾ پاڻ موي
لڇمڻ ڪٽيا کي سڃو ڏسي من ۾ ڏاڍو پڇتائي ٿو
۽ رام پکين کان پتو پڇي، نيڻن مان نير وهائي ٿو

باليءَ کي ماري ڇل سان ۽ سگريو کي رام ٿو متر ڪري
پوءِ لنڪا مان سيتا جو سنيهو کڻي وير هنومان وري
نل-نيل سمنڊ تي پل ٺاهي ۽ وانر-سينا ساڻ کڻي
اُت رام وڃي پهتو جت هٺ ۾ چڙهيو پئي لنڪا جو ڌڻي
اُت ڌرم مورتي وڀيشڻ کي ڀريو رام گلي سان لڳائي ٿو
رڻ ۾ راوڻ ڪل لاءِ رئڻ وارو ٻـ نـ رام بچائي ٿو

ٿي اگني-پريکشا سان سيتا پتيورتپڻي جو ثبوت ڏئي
۽ رام جو وياڪل هردو انهن شنڪائن کان ٿو مڪت ٿئي
پوءِ راڄ وڀيشڻ کي سونپي ٿو رام ايوڌيا ڏانهن وري
۽ جنتا ڏاڍي سان سواگت ٿي رام لکن سيتا جو ڪري
اڄ تائين ڏينهن ڏياريءَ جو ساڳيو اتهاس چتائي ٿو
”رامائڻ“ نت جن-جن ۾ نئون انوپم اتساهه وڌائي ٿو

٥. ٻُڍڙي ڀڳڙن واري

منهنجي گهر کان ٿورو پري هڪ ٻُڍڙي ڀڳڙن واري
ڪکن پنن جي ٺاهي ڪُٽيا، ٺهر رکي ٻاري ٻاري
ڏينهن سڄو اُت وهندي آهي، ڀڳڙا ڦلا وڪڻندي آ
اُت ئي روٽي ٺاهيندي آ، رات جو اُت ئي سمهندي آ

ٻارن کي هوءَ پيار ڪندي آ ڪين گهڻو چاهيندي آ
مٺڙا ٻول انهن سان ٻولي، سستو سَودو ڏيندي آ
مرڪي مرڪي ننڍڙن ٻارن جو تن-من موهيندي آ
ٻارن کي خوش ڏسي پاڻ ڀي ڏاڍو پرسن ٿيندي آ

چوندا آهن هن ٻڍڙيءَ کي ڀي پنهنجو هڪ نينگر هو
طاقت ۾ هو شينهن ٻراڀو ڊيل-ڊول ۾ سندر هو
انگريزن جو راڄ تڏهن هو، ديش ۾ هاچل پاري هئي
ديش-پريم جي هن جي اندر ۾ ٻــ دکي چڻگاري هئي

گليءَ گليءَ ۾ هئي ٻغاوت نگر نگر ۾ هو جوش متو
هر ڪنهن جو من اُمنگ ڀريو هو ديش پريم جي رنگ-رتو
گولين سان وارن ڪيڏيو آــي ڦاسي گلي لڳائي ٿــي
خُون اُڇالي هيڏانهن هوڏانهن هولي خوب مچائي ٿي

تون نہ ڏرج ڪوہ ماتا!
اس وڏو مون کي ٽيڙ ڏي پوءِ ڏس ڇا ٿو ڪيان
دکہ-نگر تي وڄ جيان ڏسجانءِ ٿو ڪيئن ڪڙڪو ڪيان
ھنھنجيءَ شڪتيءَ ۽ بڌيءَ سان سڀ قلعا ٽوڙي ڪري
تون ڏسج ڪيئن سکہ-پوريءَ کي پل ۾ ٿو آڄو ڪيان

دکہ-نگر جو ديو مرندو، سکہ-پري ايندي وري
پاپ ۽ دکہ-بکہ جي ڇاپا ويندي دنيا تان ٽري
جڳہ سڄو خوشحال ٿيندو، ايندي ڪڻ ڪڻ تي بهار
ڀائي ڀيڄ شيطان ڀڄندو، ھرڪا دل پوندي ٺري

ڪوبہ غم تون ڪر نہ ماتا، ٿيندو ڌرتيءَ جو اڌار
دور ٿيندا دکہ جا بادل، ملندو سڀ کي سکہ ۽ پيار
ٻاڻ ۾ گلجي زمين کي ان طرح سينگاربو
سورڳہ ڀي شرمائجي ان روپ تان ٿيندو نثار

٦. ٻالڪ

جنهن گهر ۾ نه، ڏئو ٻري، دوار نه، ڪيڏي ٻار
سو گهر آ شمشان جيان اونده انڌوڪار

ٻالڪ مالڪ جو وردان!
ٽن لوڪن ۾ ڪوبه سندر ڦل ناهي انهيءَ سمان!
ٻالڪ مالڪ جو وردان!

جڏهن ٻار جو مک پسجي ٿو
عجب انوکو سک پسجي ٿو
ڄڻ ٿو پنهنجو روپ لڪائي الک اگم ڀڳوان!
ٻالڪ ....

ٻالڪ جڳ جو آئيندو آ
هو ئي جڳ کي دڳ ڏيندو آ
ڪچڙن هٿڙن سان ئي هن کي ڪرڻو نَو-نرمان!
ٻالڪ ....

ٻار جي نرمل ڪومل ڪايا
سدا گهري ٿي سيتل ڇايا
هي ٻوٽو لڪ جو هڪ جهوٽو سهي سگهي ٿو ڪان!
ٻالڪ ....

جليان والا باغ ۾ گورن حيوانيت جا ڏيکاري
انسانيت ها ڳوڙها ڳاڙيا، رني ڏيا هئي ويچاري
شهر شهر ۾ ڪنڊي سڀ گسون جنتا شور مچايو هو
"آزادي يا موت" جو نعرو آسمان ۾ ڇانيو هو

اهڙيءَ هڪڙيءَ سرگس ۾ اُن ٻڍڙيءَ جو پٽ شامل هو
هڪ هڪ تن ۾ شير جهڙو هو ڪوبه نه تن ۾ بزدل هو
سينا هاتا اٽيل سڀني جا، اکيون سڀني جون انگارا
لڳو پئي جڻ ٻرليه، مچائڻ وڏي آگ جي تي ڏارا

سامهون گهوڙي چڙهيل سپاهي هٿ ۾ تن جي بندوقون
هيڏانهن "جئه ڀارت" جا نعرا، هوڏانهن مارڻ جون ڌمڪيون
جنتا ماتا جي آزاديءَ لئه، سر ٿي قربان ڪيو
گورن "سچ" تي چوڙي گوليون پنهنجو نيچو شان ڪيو

چوڙيا ويا گهوڙا ماڻهن تي گوليون پڻ برسايون ويون
ماڻهن جي رت سان انسانيت جون ڪفنيون رنگايون ويون
گهر گهر ۾ هو رودن پٽڪو گليءَ گليءَ تي آگ دکي
ڪروڙ پورال جنتا جي نيڻن ۾ اُي ڳوڙها ويا سڪي

ٻڌو انهون ٻڍڙيءَ جو پٽ ٻي گورن هٿون شهيد ٿيو
وڏوا جي نيڻن جو تارو آسمان ڏي هليو ويو
اُن ڏينهن کان ٻڍڙي هر ٻالڪ ۾ ٿي پٽ جو روپ پسي،
موت کسي ويو ٻالڪ ليڪن، دل جي شوڌا ڪير کسي؟

ڀارت کي آزاد ڏسي اڄ ٻڍڙي پرسن ٿيندي آ
دور ڳگن ۾ اکيون اڙائي اڪثر هوءَ سوچيندي آ
پٽ جي جان وڃي ڌرتيءَ ماتا پنج وال ڏنا آهن
جڳ کي ڪجهه به ڏنو مون کي ڳوڙهن جا لال ڏنا آهن



٨. پستڪ

سڀني ٻارو! نيارا ٻارو!
اي ڀارت جا پيارا ٻارو!!

هٿن پستڪ جو هٿ ۾ کڻو ٿا
جڏهن ڪوئي هر ڪڏهن ڪي وڏو ٿا
ان کي ڀڻ جو ٻار نہ سمجهو
لڪڙيءَ کي نهار نہ سمجهو

گيان جي اُجلي جوت اها آ
ان - ڀن دنيا ۾ ٻيو ڇا آ؟
هار اتي آ جيت اتي آ
ساري جڳ جي پريت اتي آ

اهو ئي اٿو قسمت جو ڪنڊل
اهو ئي تو قسمت جو تارو!
اي ڀارت ...

ويدن جي وياکيا آ ان ۾
ڌرمن جي شڪشا آ ان ۾
رامائڻ جو ”رام“ اهو آ
”ڀارت“ جو ”گهنشيام“ اهو آ

٧. ڪوئل

ڪاري ڪوئل، پياري ڪوئل
سندر ڳچيءَ واري ڪوئل
منهنجيءَ چت تي ڳاءِ اچي ڙي!
ساري جڳ، کان نياري ڪوئل

مان هڪ ننڍڙو ٻالڪ آهيان
پنهنجي من جو مالڪ آهيان
توکي ڏاڍو پيار ڪريان ٿو
هردم تنهنجا گيت ٻڌان ٿو

منهنجي ممي، منهنجو ڊئڊي
سدا ڏين مون کي سک ڏاڍي
ڏين مون کي مان جيڪو چاهيان
ڀاڳن وارو ڏاڍو آهيان

تون به ٿيءُ سچ منهنجو ڪوئل
ڪجهه به نه ويندو تنهنجو ڪوئل
ڳاءِ اچي تون منهنجي چت تي
ويهه اچي آڳند جي پٽ تي

گهر منهنجي جيڪڏهن نه ايندينءَ
مون کي ڏاڍا ڏکڙا ڏيندينءَ
رئندس رڙندس پٽ تي ليٽي
ڳاءِ اچي او ڪوئل! جلدي!

٩. سچو مندر

هي دروازا ۽ هي ڪڙڪيون
روشندان، ڇتيون، ڏيوارون
ڪرسيون، ميزون، ڊيسڪ ۽ بينچون
هي تصويرون ڳاڙهيون، سائون

ان کي نه سمجهو صرف عمارت
هت ڪڻ ڪڻ ۾ ڀريل نصيحت
گيان جو ڏيپ، ودّيا جو گهر آ
سچ جي پڄو - سچو مندر آ

هت ئي ٿي ويدن جي رچنا
وهي هتان ئي گيان جي جمنا
رام کي هت ئي تيج مليو هو
ڪرشڻ هتان ئي يوگ سکيو هو

ڏيون ٻي هت شيش جهڪايو
پنهنجو گيان ۽ تيج وڌايو
گوتم گيان هتان ئي پاتو
در-در گيت ليائي، جو ڳاتو

نانڪ هن دروازي تان ئي
مونيو سچو اعل گهر تي
هت ئي پالي گهري شڪشا
سچ لئه، سوريءَ چڙهي ويو عيسيٰ

گوتم جو واڳ، اهو آ
نانڪ جو اوراڳ اهو آ
گانڌيءَ جو اوتار آ ان ۾
نهروءَ جو پڻ پيار آ ان ۾

سارو جڳ ڳولهيو پر ملندو
ڪين سهائڪ ڪو ان پارو!
اي ڀارت ...

ان مان اتم شڪشا ولجو
سانڍي سا هردي سان رکجو
ڌرم جا ڪوڙا ڀيد مٽايو
هر انسان کي انگ لڳايو

هر ڪنهن هيڏي جا يار ٿجو
دشمن لئه پر تلوار ٿجو
اِئين دنيا ۾ هلجو هردم
ڪري هر ڪنهن کي پنهنجو هردم

جيئن ته توهان کان جڳ ۾ ڦهلي
هڪڙو انوکو نئون اجارو!
اي ڀارت ...

۱۰. سچ

سچ ڳالهايو سچ سان ٻارو
جيون کي هڪ جوت ملي ٿي
ٻوٽر جو پاڻي پائي پل پل
من جي مکڙي ٽڙي کلي ٿي

سچ کي ڪوئي ڀؤ ڊپ ناهي
پاڻ ئي سچ هڪ شڪتي آهي
سچ جڏهن آسڻ تي آ اُن ٿان
ڪو بہ نہ ڪيس سگهي ٿو لاهي

ڪوڙ آ ڪاغذ جي هڪ ڪشتي
چار گهڙيون آ اُن جي هستي
ڪوڙ تي واءُ نہ، ويسهه ڪن ٿا
ڪوڙ جي ڪن ڪانئر ئي ڀڳتي

وچن ڏيو هڪ مون کي ٻارو!
ڀارت جي نيڻن جا تارو!!
ڪوڙ نہ ڳالهائيندؤ هرگز،
سچ تي هلندؤ جيون سارو!!

سرمل مستي هٿان لٿي پاڻي
ڪلندي سر لٿي ڪاڏي ڪاڻي
راڻي جو ايمان اهو آ
شير شوا جو مان اهو آ

ڳڻ ڳانڌيءَ هٿان ٿي ڀاٽا
پيد انوڪا، الوپم جاتا
جوهر هٿان لٿي جاڻ وڌائي
ساري جڳ تي ڌاڪ ڄمائي

ٻارو! هن در تي سر ٽيڪيو
من جي اونده ڳيان سان ميٽيو
جو به پڙهو من ساڻ هنڊايو
پاڻ پڙهو ۽ ٻين کي پڙهايو

جوت سان جوت جلايو ٻارو!
ديش جو شان وڌايو ٻارو!!

١٢. هوٽل وارو

هي بيڙو هوٽل وارو!
پنهنجو پاڻ ٿي پاڙي ٿو،
ڪنهن ڏي ڪين نهاري ٿو،
ڪم ڪري ٿو ڏينهن سارو!!

چانهه ملي هت گرم گرم
ڪيڪ ۽ بسڪيٽ نرم نرم
ڪڙڪ ٽوش ۽ رول مٺا
ٽڪيون جوهر جون ڪنمتڙا!

دال موٺ چوڙو، سڱر
تهيل ڪعب جو شهو ٻڪر
ننڍڙي هوٽل، ٿورو مال
پر سڀ جو آ رکيل خيال

ٻار ٻه هتي خوش ٿيندا
چانهه وڏا ٻه پيئندا

ننڍڙو آهي هيءُ دوڪان
پر آهي ڪٽ ڪچرو کان
ميزون صاف ۽ ڪرسيون صاف
پليٽون چمچون در لشڪيون صاف

١١. تارا

مَن موهين ٿا تارا پيارا!
چانديءَ جهڙي چمڪي وارا!!

جهن اونده کان چنڊ به ڇڙڪي وڃي ڪٿي هُو لڪي وهي ٿو
پوَ کان جنهنجو منهن بيمارن جهڙو ٿي ٿي ٿڪو وڃي ٿو
اُن اونده کي روپ ڏين ٿا، اُن اونده کي جوت ڏين ٿا
ڪيئن اُماس جي رات جي اونده جي وه مرڪي سدا پين ٿا
اندڪار جا هي اُجيارا!
من........

وانهرو کي وات ڏيکارن
پنڌيل راهيءَ کي دڳ لائن
لڏهن ۾ پل پل نمن ڪمن پيا
گهرب مور لاءِ من ۾ ڌارن
تارا سيکارن ٿا جڳ کي
ڪيڏو پيي اوچو ٿي وڃجي
للهن ۾ سيوا ڪجي جڳت جي
گهرج ۾ سيني جي ڪم اَچجي
امو ٻڌيا هن للهن لاءِ تارا!
من........

١٣. چنڊ

جڏهن جڳ مٿان رات ڪاري اچي ٿي
نه ڪٿ سوجهري لئه جڳهه ڪا بچي ٿي
تــو چوگرد لهرائــي اونده جــو ساگــر
ڏڪائي جڏهن دل ٿو خود پنهنجو ٿي گهر
لڳي ٿو تــه اونده بنا ڪجهه بــه ناهي
لڳي ٿو تــه دنيا ۾ اونــده ئــي آهي

نــه ڪاٻي کي ساڄو ڏسي هٿ سگهي ٿو
هوا ۾ بــه دم جهٽ لــه گهٽجندو رهي ٿو
نــه ٻاهر لڳي من نــه گهر ۾ لڳي من
ٿي هر طرف پاسي عجب هڪڙي الجهن
ڪليل نيڻ ڍڪي جهٽ لــه ڀونئيل لڳن ٿا
نظارا ڏسڻ ۾ نــه جڳ جــا اچن ٿــا

اُنهيءَ وقت جيڪو ٿــو چمڪي ڏگن ۾
ڀري ٿو خوشيءَ جــا نــوان رنگ من ۾
وڪوڙي ٿو ڪارنهن تي چانديءَ جي چادر
پٽي ٿــو چڙهي موج مستيءَ جــا لڪ، در
اُهــو ڪير آهــي؟ اُهــو چنڊ آهــي
اهــو ڪهڙو آهــي، مٺو ڪيڏ آهــي

اُنهيءَ چنڊ ۾ هڪڙي بــيڙي رهي ٿي
جــا چرخو هلائــي سدا سٽ ڪتي ٿي
جڳت سان اُنهيءَ کــي گهڻو پيار آهــي
اسان لئه ٿي ڪاڏيءَ جو ڪپڙو ٿي ناهي،
اسان لــي سدا هٿ ڏيا جــو رکي ٿي،
ڪيون ڪو سٺو ڪم ته شاباس ڏئي ٿي

پاڻي جهڙو گنگا - جل
ٿڌو ٺڌو ۽ صاف، اُجل
هر شيءِ دل کي ٿئي وڻندي
ڪاڻ لي ٿئي دل ٺرندي

مکڻ جو ڪٿ پيي ناه نشان!
هوندو هٽڙو ڪو نہ دوڪان!!

سڪ سان ٻڍڙو چانهہ ڏئي
هرڪو سڪ سان چانهہ پئي
سڀ سان مٺڙو ٻولي ٿو
ٻولي امرت گھولي ٿو

ڪنهن سان کهرو ڪونہ هوي
سڪ سان سڀ کي ”ياءِ“ چوي
ٻارن ۾ ٿس موه گھڻو
هوٽل تي آ هڪ ٿي ڇٽو

تہ تہ سيٺي کي منهن ڏيندو!
ڪم ۾ غفلت ڪين ڪندو!!

۴. موچي

سڀ ماڻهو هڪ جهڙا آهن
تن ۾ ڪي ٻـي ويڇا ناهن
سڀ پنهنجو ٿا فرض نباهن
گڏجي جڳ جا ٻوجها لاهن

هر ڪنهڪي ڳڻ پنهنجو آهي
پنهنجي هرڪو راه ٿو ناهي
جڻ جي معنيٰ ئي محنت آ
محنت ۾ ڪو شرم نه آهي

رستي جي هڪ ڪنڊ کان جيڪو
ٻڍڙو موچي آهي ويٺو
سو ٻـي لو - مون جهڙو آهي
ڇا ٿيو جي هو جتيون ڳنڍي ٿو

هوُ ته اسانجو ڀلو ڪري ٿو
ڪم ماڻهن جي سدا اچي ٿو
نئين ڪري ٿو جتي پراڻي
موت ۾ پئسا ٻه - ٽي وٺي ٿو

ڪوئي ڌنڌو کوٽو ناهي
ڪوئي ماڻهو ڇوٽو ناهي
هرڪو پيٽ جي لاءِ ڳهي ٿو
پيٽ کي ٽڪرو ڏيڻو آهي

ڪڏهن ان "امان" سان ماڻ لئه هلبو
هلي جڳ جو ڏک سک انهيءَ سان سلبو
ته جڳ ۾ غريبن جو ڪو دوست ناهي
غريبن جي ٻارن کي ٿو ڪو نه چاهي
ٻيا پوڙهيو هون ڪن ٿا ٻيا رلندا وتن ٿا
اگھاڙا جمن ٿا، اگھاڙا مرن ٿا

چون ٿا ته ٻالڪ "سيان جو اَبو" آ
مگر حال انجو ڏسو اڄ اهو آ
نه تعليم ئي پوري پائي سگھي ٿو
نه حالت کي بهتر بڻائي سگھي ٿو
نه پوري آ روٽي، نه پورو آ ڪپڙو
سوين ڏک سهي ٻار جو من ٿو ڪچڙو

ڪبو عرض ٻڍڙيءَ کي "ماتا ديا ڪر
اسان لئه ٻه سک آسمان مان ڦٽا ڪر
اسان کي ٻه ڏن تي ڪو انڪار آهي
اسان لئه ٻه سک جو سنسار آهي
ٻڌو آ ته سيني جو هڪڙو آ داتا،
پيا پوءِ دنيا ۾ ويڇا ڇو ماتا؟"

رکو ياد هڪ ڏينهن اها مدد ايندي
زماني کي جيڪا نوان رنگ ڏيندي
ڏسو ٿا اها ڏار جا چانڊنيءَ جي
ڦري سائي پوندي ٿي ڌارا خوشيءَ جي
پوءِ ڪنهن ٻار کي ڪا شڪايت نه هوندي
جو هيڙي زماني جي حالت نه هوندي

١٦. ڏهٽي - دوها

ٻنجي کڏهن سان ٻہ نہ ڪڙو، رکجي سڀ سان پريت!
سڀ جو ڀلو ڪجي سدا، هلجي سهڻيءَ ريت!!

سوچي سمجهي ٻولجي، چنچل آهہ زبان!
اُڇليل تير ڪمان مان وري اچي ٿو ڪان!!

وديا - ڌن ڀائي ڪري نمجي ڪمجي ميمع!
ڦل لڳندي ني جهڪن ٿا وڻ-ٽڻ جهڙيءَ ريت!!

ڪشت سهن پر واسطي سڄڻ نباهن نيمهن!
شيتل ڇايا وڻ ڏين سڙي سڄو ٿي ڏينهن!!

ڪک ڪي ٻي نہ ڏکوئجي سڀ ۾ ڀاؤ سمان!
لت لڳندي سر تي چڙهي مٽي ٻہ جاڻي مان!!

وت آهر هلجي تہ جيئن آگو ڪٽي نہ ڪير!
سوَر ڏسي ٿي پسارجي هردم پنهنجو پير!!

دنيا ۾ ڌن سان ملي پيار، دوستي، مان!
ڌنوانن جا لک سڄڻ، نرڌن جو ڀڳوان!!

سرهو ٿي هردم ڪندو رهجي وديا - دان!
ليئن تيئن وڌندو ٿو رهي ڏجي ٿو جيئن جيئن گيان!!

مايا ملي تہ من اندر ڪجي نہ ٿر اهنڪار!
مايا ٿر رهڻي نہ آ، ٿر ناهي سنسار!!

لاهہ نہ دل سنسار ۾ ڪو بہ نہ آهہ اَڏاٺ!
سڀ جي سر تي هٿ رکي وٺو دعا ناٿ!!

١٥. نصيحت

ڏس اهو جنهن جي ڏسڻ سان
جوت تون پائين نئين
ٻڌ اهو جنهن جي ٻڌڻ سان
راهه تون پائين نئين

چئه اهو جنهن ٻول سان تون جڳ سڄو جيتي سگهين
ڪر اهو جنهن جي ڪرڻ سان هڪ نئين دنيا اڏين

کاءُ سو جنهن جي ڪاج سان صحت سٺي ماڻي سگهين
سوچ سو جنهن سوچ سان موتي مٺيا آڻي سگهين

وڃ اتي تون جت وڃڻ سان ٻڌ سڦلو ٿي سگهي
هل هلت اهڙي جو تنهنجو ٿو ٻي، دنيا ۾ آگهي

ٻار، توکي ٿي تہ دنيا جون
ڇڪون سلجهائڻيون
پت پيل ماڙيون نئين سر
ناهڻيون، سينگارڻيون

١٨. گهٽ

ڏاڪڻ ڏي ڏاڪڻ تي چڙهندس!
هن ڌرتيءَ تي ٿي ڪپ ڪوڙي، مالا، مان نہ وهندس!
ڏاڪڻ ڏي ڏاڪڻ تي چڙهندس!!

آسمان رنگن جو ساگر ڌرتي ڌوڙ ۽ خاڪ
هت شيشا ۽ پٿر هتڙي موتين جهڙي ماڪ
مان تارن جا ديپڪ ڇهندس!
ڏاڪڻ........

پکي گگن جا ساٿي ٿيندا، اُڏي ڪنداسين شور
ڪوئي روڪڻ چاهي ڪيڏو هلي نہ سگهندس زور
مان چنڊ جي پينگهي ۾ لڏندس!
ڏاڪڻ........

١٧. گيت

اچو ته پيارو گيت ڪي ڳايون
نچون ٽپون ۽ ڦيريون پايون

پاڻي هجي سر ٻڪريءَ جهڙو
پيا ڳايون جيئن ڳائي ڏاهو
ڪنهنجو فڪر نه ڪنهنجي چنتا
امڙ ڪٿا لئي، دفتر بابو
ڪائون گدرا ڪائون چاٻون
اچو ته.........

پوءِ تلاءَ تي هلبو سائي
نيل لڳن تي ملبو سائي
ٽوڙڻ ۽ نيمڪ، ڏيڻ کان هرگز
ڪين ڪو ڪنهن کي جهلبو سائي
جام هوندا اتي مرد ۽ مايون
اچو ته.........

اڄ اڏبو جهڙڪين طوطن جيان
واڳه چيل گهوڙن جيان ڊڪبو
هڪ ڏينهن خاطر راڄ مليو آ
آنند لٽبو، لٽبو، اٽبو
پل پل نئين نئين موڄ مچايون
اچو ته.........

٢٠. سپنو

ننڊڙي ايندي، سپنا ايندا
دل کي سندر آنند ڏيندا
ننڊ جي راڻي سندر ديوي
ايندي مون لئه هنڌ وڇائڻ
منهنجي سر تي هٿڙا ڦيري
تن من جا ٿڪ سڀئي مٽائڻ
مون کي پنهنجي گود وهاري
منهن تي مٺڙيون مٺڙيون ڏيندي
هٿ ۾ ڏيئي ڪومل گڏڙا
ڳراٽڙيون لک لک پائيندي
ننڊ راڻي پوءِ پر ڦهلائي
سير ڪرائيندي تارن جو
ڇو نه سدا هوءَ خيال رکي ٿي
ننڍڙن ۽ ڏاهن ٻارن جو
اچو نه ٻارو سمهون سويل ٿي
ڏسون ڪي سپنا سندر سندر
رات رات ڀر ڪي تصويرون
ڏسي خوش ٿيون دل جي اندر

۱۹. گيت

مالهي! گل ڏي، گل ڏي مالهي!
ڀري گلن جي هڪڙي ٿالهي!

پاڻ اسان ڀي گلڙا آهيون
ٽڙهن ته هردم گل ٿا چاهيون
ڪومل ڪومل پيارا پيارا
سندرتا جا روپ نيارا

ڪلي ٽڙي ٿي ڦول ٿئي ٿي
ڇا لہ چمن کي روپ ڏئي ٿي
سوهڻن بهارون ڪٽي پاڻ سان
ڏس ته لٽائي ٿي، هن-هن مان

هر ڪو گل خوشبوءِ جو ساگر
خوشبو اندر، خوشبو ٻاهر
موهي ٿو هر ڪنهن جي من کي
ڪري توانو ماندي تن کي

اچو ڀريون سڀ جهول گلن سان
ٻوليون مٺڙا ٻول گلن سان
اسين انهن کي پيار ڪنداسين
پنهنجي ڳلي جو هار ڪنداسين

۲۲. هولي

هولي آئي!
قسمين قسمين رنگ اُڏائيندي
ٻارن جي ٽولي آئي!
هولي آئي!!

ڪو ٿو ناچ نچي ڪو ڳائي ڪو پچڪاري ڇوڙي ٿو
ڪو ٿو ڪنهنجو نقل ڪري، ڪو ٻاندر کي هٿ جوڙي ٿو
ڪوئي شور مچائي ڪوئي ماڻهن کي للڪاري ٿو
ڪوئي پنهنجن ساٿين تي ئي رنگ اَجايو هاري ٿو
رنگ لائين ٿا اڄن لڳيٿو ڇڻ ساگر جي ڇولي آئي
هولي آئي!!

هيءَ رنگن جو ڏينهن اسان جي جيوت ۾ شل رنگ ڀري
اونچ نيچ جي ڀيد-ڀاوَ کان نئينءَ ٿهيءَ کي ٻري ڪري
ڪري ملڪ کي آجو شل دؤلت جي نيچ غلاميءَ کان
سڀ هڪ جهڙا ٿين ڇٽي ماڻهو ماڻهوءَ جي سلاميءَ کان
"هڪ ڏينهن ٿيندو ائين" اندر مان ٻڌ، اهڙي ٻولي آئي
هولي آئي!!

٢١. ملهار گيت

ساوڻ جي مند آئي آ
ڌم جهم ڌم جهم اوسن بادل
ٻوندن موڄ مچائي آ
ساوڻ جي مند آئي آ

ڪوئل ڪوڪي، ڇپها ڇهڪن، مور نچن ٿا ٻن-ٻن ۾
ڌرتي جهومي گيت ڳائي، ساوڪ ڇانئي ٻن ٻن ۾
ڏوئن ٻڪيڙا ٿا پر پکيڙا، ڏيڏر تان لڳائي آ
ساوڻ.........

ٻار گهوڙن ڪاڳر نڪري ٻاهر نچن ٽپن ۽ ڊوڙن ٿا
روڪ ٽوڪ سان ڪين ٿا جهلجن ٻڌي من جي ٿي ڪن ٿا
ٻار ته آهن من جا راجا، تن لئي روڪ اجائي آ
ساوڻ.........

٢٤. ٻال-قوالي

نه ماريو اسان کي ڏيو ڪين دڙڪا،
اسين ٻار آهيون، اسين ٻار آهيون!
ڪلين کان به ڪومل گلن کان به سهڻا، اسين ٻار......
ڏسون سؤ بهارون اسين مسڪرايون
وڃون جت خوشين جا خزانا لٽايون
اسان کي ڏسي هرڪو سرهو ٿئي ٿو
اسين درد دنيا جا پل ۾ مٽايون
اسان کي وڻن گيت ٿا پيار سڪ جا، اسين ٻار......
ٻڌون ڪين ڪنهن کان ڇڏيون سچ سڀن کي
رکون ڪُوڙ کان دور هردم ٿا من کي
ڪيون ڏوھ ڪو ته به نه اُن کي لڪايون
اسان لئي هٺڙ ناز گهرجي وطن کي
اسان کان پرائي زمانو ٿو چا چا، اسين ٻار...
اسان جي نظر ۾ نه آهي ڪچائي
پوءِ دل ۾ هردم رهي ٿي صفائي
ٻرو ڪنهنجو سڀني ۾ ڏي ڪين چاهيون
اسين دشمن سان ڪيون پڻ ڀلائي
ڪپي صرف سڪ آهيون سڪ جائي پياسا، اسين ٻار...

٢٤. ٻال ڇيڄ

ادا ٻار هلي آءُ اچي گيت مٺو ڳاءِ!
اسان کي ڏي مزو موج، نچي رنگ نئون لاءِ!!

اِها رات، اِها ٻات، اهو ساٿ، اِهو سنگ
اِهي ميل اِهي کيل، اهو راڳ، اِهو رنگ
سدا ڪين پون پاند، اِها ويل نه گنواءِ!
اَدا ٻار………

ڪيون ناچ، ڪيون ٽاپ، نڪو ڊپ، نه ڪو داءُ
نه ڪو اوچ، نه ڪو نيچ، اَچي هر ڪو هتي پاءُ
گلي سڀ جي ملي يار، گلي سيني کي تون لاءِ!
اَدا ٻار………

٢٥. گيت

ڍولڪ ٻولي ڌنڪ ڌنڪ ڌن ڇيڙ ٿي ڇمڪي ڇڻ ڇڻ
ڳاءِ ري مگڻيا، نچ ري گجريا، ٽڙيو وطن جـو چمن چمن
ٿهر ٿهر ٿـر پـرچم ٿهري، هـوا هلي ٿـي سڻن سڻن
گـونجيو آ جن - گڻ سان گگن!
جن من جـو من ٻـرهم - مگن!!

کيتن جي' هريالين ۾ ڀارت جـو ڀوشڻ جرڪي ٿو
مزدورن ۽ ڪسانن جي نيڻن ۾ خوشي ٿي ڇمڪي ٿو
آنگڻ آنگڻ ٻهڪي ٿـو
هر دل ۾ اڄ عجب اگڻ!
ڍولڪ ....

ديش مڪت آ، ويش مڪت آ، مڪت اسانجي ٻولي آ
مـانس مانس ساگر ساگر، سڪ سڪ ڇولـي ڇولي آ
پيار - ڀري هر جهولي آ
من-من جوڙيو ٻرهم-سگڻ!
ڍولڪ ....

ويڻا پبلبڪيشن جو ڇپايل

ٻال - ساهت

[1] جهرڪيءَ لڏو ڏکو - جگديش لڇاڻي
(اَٺن سنڌي لوڪ ڪٿائن ۽ ٻين ڪٿائن جو مجموعو)

[2] روُپ - نگر جي راجڪماري - جگديش لڇاڻي
(سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت ٻال - اُپنياس)

[3] گلن ڦلن جي راڻي - جگديش لڇاڻي
(سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت ٻال - اُپنياس)

[4] ڪُني آندي ڪنوار - جگديش لڇاڻي
(سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو)

[5] ٻــال ڪهاڻيون - جگديش لڇاڻي
(ڇهن ٻال - ڪهاڻين جو مجموعو)

[6] سنڌي لوڪ ڪهاڻيون - جگديش لڇاڻي
(ڇهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو)

[7] جهرمــر - منوهر ٻيدي
(NCERT طرفان اِنعام حاصل ڪيل ٻال - ڪوتائون)

ويڻا پبلبڪيشن

8، جهُ اپارٽمينٽس، الهاسنگر - 421 003

☎ 70103